
# جاڳو ٻارو

(ٻارڙن لاءِ شاعري)

بيخود بلوچ



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

# ڄاڳو ٻارو

(ٻارڙن لاءِ شاعري)

بيخود بلوچ

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

2016ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (241)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# جاڳو ٻارو


| | |
|---|---|
| شاعر: | بيخود بلوچ |
| ٽائيٽل ۽ اسڪيچ: | رابيلا ابڙو |
| ڇاپو: | پهريون: 2010ع، ٻيو: 2016ع |
| تعداد: | 1000 |
| قيمت: | 100/= روپيا |

**Catalogue Reference**
Baloch, Bekhood
Jago Baro
Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-055-5

Jago Baro

| | |
|---|---|
| By: | Bekhood Baloch |
| Title & Sketches: | Rabella Abro |
| Edition: | 1st 2010, 2nd 2016 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs: 100/- |
| Composed by: | Pervaiz Niaz |
| Graphics: | Asadullah Bhutto & Arun Abro |
| Published by: | Sarfraz Rajar Chairman, Sindhi Language Authority National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022 9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/s Ali Hussnain & Printing Services, Hyderabad |

هيءُ ڪتاب سرفراز راڄڙ، چيئرمئن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرس علي حسنين پرنٽنگ سروسز حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد سنڌ مان پڌرو ڪيو.


پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

- انهن ٻارڙن جي نالي، جيڪي ڪُوڙي انا جي اڏيءَ تي ’قبائلي تڪرارن‘ ۾ قتل ٿي ويا.
- اُنهن گُلن کان وڌيڪ حسين ٻارڙن جي نالي، جيڪي غُربت سبب عِلم جي عَلم جي سايي کان محروم رهيا.
- انهن ٻارڙن جي نالي، جيڪي عراق، افغانستان ۽ فلسطين ۾ ’جنگي جُنون‘ جو ٻَک بڻيا.
- انهن ٻارڙن جي نالي، جيڪي محنت ڪري پڙهن ٿا ۽ پوزيشن حاصل ڪن ٿا.

۽

- دُنيا جي سڀني پُورن، ڪارن ۽ معذور ٻارڙن جي نالي۔

۔ بيخود بلوچ

# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ٻارن لاءِ هن ڪتاب ’جاڳو ٻارو‘ جو ٻيو ڇاپو ڇپائيندي اسان انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. ٻارڙن لاءِ دلچسپ ۽ دل وندرائيندڙ شاعريءَ تي ٻڌل هي مجموعو بيخود بلوچ صاحب لکيو آهي. اٿارٽي اڳ ۾ بيخود بلوچ صاحب جو ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب ’ٻوليون لوليون ٻارن جون‘ ڇپائي چڪي آهي. سنڌس ٻئي ڪتاب اسٽاڪ مان ختم ٿي چڪا آهن. ان مان اندازو ٿئي ٿو ته بيخود بلوچ صاحب جا نظم ۽ گيت، سنڌ جي ٻارڙن ۾ ڪيترا مقبول آهن.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، پنهنجن مقصدن هيٺ ٻين موضوعن سان گڏ، ٻارن لاءِ مددي تدريسي مواد (Supplementary Reading Material) جي تياري ۽ ڇپائيءَ کي پڻ اهميت ڏئي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته اسان سمجهون ٿا ته پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪتابن جي تياري ۽ ڇپائيءَ سان ئي سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل واڳيل آهي. ٻارن کي جيترو مواد پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏبو مستقبل ۾ اوترو ئي سنڌي ٻولي ترقي ڪندي.

اسان محترم بيخود بلوچ جا ٿورائتا آهيون، جنهن هميشه سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سان سهڪار ڪيو آهي. مون کي خوشي آهي ته اٿارٽيءَ جي اشاعتي ٽيم، وقت اندر هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ڇپائي، منظر عام تي آندو آهي. اميد آهي ته هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي وانگر ٻيو ڇاپو به ٻارن کي پسند ايندو.

10 اپريل، 2016ع
حيدرآباد، سنڌ

سرفراز راڄڙ
چيئرمئن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

# سجاڳيءَ جا گيت

ٻار قوم جو سرمايو هوندا آهن ۽ جيڪي قومون پنهنجي ٻارڙن جي مستقبل جي سنوار ۽ سڌار جو اونو نہ رکنديون آهن، اهي ڌرتيءَ جي گولي تي گهڻو وقت پنهنجو وجود قائم رکي نہ سگهنديون آهن.

جيئن تہ ايندڙ وقت جا اڳواڻ، هلندڙ وقت جا ٻالڪ ئي هوندا آهن، تنهنڪري هر قوم جو اهو فرض بڻجي ٿو تہ اها پنهنجي هر دور جي ٻارڙن جي اهڙي تربيت ڪري، جو انهن ۾ ايندڙ وقت ۾ پنهنجي پنهنجي شعبي جون واڳون سنڀالڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.

شاعري اهڙي روشني آهي، جيڪا شعور جو ڏگ ڏيکاري ٿي. اها ڳالهہ بہ تمام ضروري آهي تہ ٻارڙن کي ننڍڙي عمر ۾ ئي شعوري روشنيءَ کان واقف ڪجي، جيڪا روشني اڳتي هلي سڄي عمر سندن رهنمائي ڪندي.

اسان جي سنڌي ٻولي ڏاڍي شاهوڪار ۽ زرخيز آهي. ان ۾ جِتي وڏن جي شعوري شاعريءَ جو خزانو موجود آهي، اُتي ٻارڙن لاءِ ڪيل شاعريءَ جو بہ تمام گهڻو ذخيرو نظر اچي ٿو. مرزاقليچ بيگ، پيرومل، جمعي خان 'غريب' ۽ محمد صديق مسافر کان وٺي، رشيد احمد لاشاريءَ ۽ نثار بزميءَ تائين ۽ ڪشنچند 'بيوس' کان وٺي شيخ اياز، هري دلگير، بردي سنڌي ۽ استاد بخاريءَ تائين ٻارڙن لاءِ ڪيل سهڻي ۽ وڻندڙ شاعريءَ جو هڪ اڻ کٽ سلسلو آهي، جيڪو اڄ تائين جاري آهي.

سنڌو ڌارا وانگر وقت سان گڏ وهندڙ ۽ ڌرتيءَ جي ڦيري سان گڏ ڦرندڙ ٻارڙن لاءِ ڪيل شاعريءَ جا گل وکيريندڙ شاعرن جو اڄ تائين ايترو تہ تعداد آهي، جو جيڪڏهن صرف نالا ئي شمارجن تہ دفتر پرجي ويندا. پر اها بہ حقيقت آهي تہ ٻاراڻي ادب جي ڇپائيءَ جا موقعا اٽلپ آهن، تنهنڪري گهڻي شاعري ڊائرين ۾ بند آهي..!

گهڻن دوستن کي شڪايت هوندي آهي تہ اسان جا وڏا اديب ٻارڙن لاءِ ڪونہ ٿا لکن. اها شڪايت ڪنهن حد تائين صحيح بہ آهي، پر ڪجهہ اجائي بہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ارادي يا غير ارادي طور اسان جا اديب ۽ شاعر ٻارڙن لاءِ ضرور لکن ٿا. اوهان شيخ اياز جي شاعري پڙهي ڏسو. هن ٻارڙن جي لاءِ جدا، استاد بخاريءَ وانگر سيڙجي شاعري تہ نہ ڪئي آهي، پر سندس شاعريءَ ۾ ڪيترا اهڙا نظم ضرور ملن ٿا، جيڪي ٻارڙن لاءِ ئي ڇپيا ويا آهن. سندس ڪتاب 'وڄون وسڻ آئيون" ۾ مزدور جي ٻار جو هي گيت پڙهي ڏسو:

ڳيا ڳيا روٽلو ڪسي ويو ديس جا،
ٻک ٻري ديس جي، نُک ٻري ديس جي،

پيٽ برو سيٽ جو پيٽ برو سيٽ جو
نيٽ اهو سيٽ جو پيٽ وڏو ڦاٽندو
ڇرو وڏو ابا جو ڱرو وڏو ابا جو!

ٻار اسان جي قوم، معاشري، ماحول ۽ ملڪ جو هڪ اهم حصو آهن، جن کي ڪڏهن بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. اهو ئي سبب آهي، جو اسان جا شاعر ۽ اديب پنهنجي وت ۽ وس آهر پنهنجي قلم کان ڪم وٺي، ٻارڙن لاءِ لکي، پنهنجو منُ بہ پرِڀائي رهيا آهن تہ ڪنهن حد تائين قومي فرض بہ نڀائي رهيا آهن.

اسان جو نوجوان شاعر 'بيخود' بلوچ بہ پنهنجي قلم کي ايندڙ وقت جي معمارن جي حوالي سان استعمال ڪري، ٻارڙن سان پنهنجي فطري پيار جو اظهار ڪندو رهي ٿو. "جاڳو ٻارو" ٻارڙن لاءِ ڪيل سندس شاعريءَ جو تازو ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن سجاڳيءَ جا گيت رچي، سنڌي قوم جي ٻارڙن کي سجاڳيءَ جو سنيهو ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.

سنڌ جي جڳ مشهور ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٻارڙن جي اهميت جي باري ۾ لکيو آهي تہ "ٻار اسان جي ايندڙ دور جا اڳواڻ ۽ سرواڻ آهن، تنهنڪري وقت جي استادن ۽ اديبن جي اها اهم ذميواري آهي تہ اهي پنهنجي ٻارڙن جي ذهنن کي زرخيز بنائڻ لاءِ صحتمند علم ۽ ادب مهيا ڪري ڏين."

اسان جي هن ٻارڙن جي شاعر 'بيخود' بلوچ پنهنجي اها ذميواري نڀائيندي، ٻارڙن سان پنهنجي شاعريءَ ۾ علم جي اهميت جون ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪيون آهن. ٻالڪ جي ٻوليءَ ۾ پنهنجي پيڻ سان ڳالهيون ڪندي، شاعر چوي ٿو:

هل تہ ادي، اسڪول هلون،
علم جي منزل ڏانهن وڌون!

يا وري:

علم بنا آ ڪاري رات،
علم تہ سڀ جي لئہ پرڀات.

پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ جي محبت، پنهنجي ٻارڙن جي دل ۾ اجاگر ڪرڻ شاعر لاءِ تمام ضروري فرض بڻجي ٿو. پنهنجي وطن سنڌ سان محبت جو سبق ڏيندي ۽ ان جي اهميت جون ڳالهيون ڏسيندي، شاعر ٻارڙن سان هيئن مخاطب ٿئي ٿو:

ٻارو جيئي، منڙي سنڌ،
جيڪا آهي، جانِ ۽ جند.

هن ۾ ڪوئلو گئس بہ جام،
هرهڪ خطو ڇڻ انعام.
هن تي لکجن کھڙا ليک،
ندين فصلن جا ڏس ڏيک.

"پٽائي" ۽ "سچل" اسان جي سنڌ جا اهي امر ۽ زنده جاويد ڪردار آهن، جن جي اوڙ ڪان سواءِ ڇڻ تہ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي هر ڳالهہ اڌوري ۽ اڻ پوري رهجي وڃي ٿي....!!

بيخود بلوچ، اهو ضروري سمجھيو تہ 'شاھہ سائينءَ' ۽ 'سچل سرمست' جي تعارف ۽ پيغام کان سنڌي ٻارڙن کي ضرور واقف ڪرڻ گھرجي. 'شاھہ سائينءَ' جو تعارف ڪرائيندي شاعر لکي ٿو:

پٽائيءَ کي سمجھون، پڙهي پوءِ پرکيون،
سندس بيت ٻتيون، ڪٽي وات ڳوليون،
سراسر سچائي، اسان جو پٽائي.

سچل بابت، سچيون ڳالهيون ٻڌائيندي، شاعر لکيو آهي تہ:

سچل، سچ جو نام چٽو،
سچل جو پيغام چٽو.
سنڌ کي آھہ سچل تي ناز،
سچل آهي سچ جو راز.
هي آ پيارا ٻارو سچ،
سچل آهي سارو سچ.

'استاد بخاري' بہ اسان جي سنڌي ادب، ٻوليءَ ۽ شاعريءَ جو سگھارو آواز آهي، جيڪو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ وطن جا گيت ڳائي. سنڌ جو امر ڪردار بڻجي ويو آهي. استاد بخاريءَ جا ٻارڙن لاءِ لکيل سهڻا ۽ سلوڻا گيت، سنڌي ٻارن جي ادب جو هڪ جيئرو جاڳندو باب ۽ سهڻو سرمايو آهن. استاد بخاريءَ کي ٻارڙن سان متعارف ڪرائيندي، بيخود لکيو آهي:

هڪڙو سچو شاعر هو،
علم ادب جو ماهر هو.
شعر لکيائين ڌرتيءَ جا،
شهر شهر هر وستيءَ جا.
پهريان نالو 'احمد شاھہ'
شعرن ساڻ ٿيس جو چاھہ.

# حمد



رب تون رحيم آهين،
قادر ڪريم آهين.

تو آ جهانُ خلقيو
ماڻهوءَ جو ڏيان خلقيو.

تو آ زمين خلقي،
موسم حسين خلقي.

سمنڊن ۾ تنهنجي قدرت،
گُل جي تو خلقي رنگت.

دريا۔ ڇُلن ٽيون ڇوليون،
هيرون۔ پکين جون ٻوليون.

ڪائڻ جي لاءِ ميوا،
تو ئي ڪيا تہ پيدا.


ٻاجهين جا قسمَ ڪيئي،
ڳڻبا ڪتي سيئي؟

تو کي خُدا چوان تو
مُشڪلڪشا چوان تو.





# نعت



محمد ﷺ خُدا جو پيارو نبي،
نرالو نيارو سهارو نبي.


محمد ﷺ مٺي جو ٿيو جڏهن جنم،
ٿي انسانيت مان جهالت ختم.

محمد ﷺ ڏيکاريو آ رستو سِڌو
چيائين تہ مولا کي سجدو ڪيو.

انهن کي بہ بيشڪ آ عظمت ملي،
محمد ﷺ جي جن کي مُحبت ملي.

محمد ﷺ جي عظمت ٻُڌائي قُرآن،
ڪري ڪيئن ساراهہ 'بيخود' بيانُ.

# سنڌ




ٻارو! جيئي مٺڙي سنڌ،
جيڪا آهي جان ۽ جند.

جنهن ڌرتيءَ تي پنهنجا پيرَ،
ڌرتي سا ته وساري ڪيرَ؟


هن ۾ اهڙا شخص دفن،
جن جا آهن سچا سُخن.



سنڌ ۾ گئس ۽ ڪوئلو عام،
هت هر خطو چڙهه انعام.




سنڌ تي لکجن ڪهڙا ليکَ؟
ندين، فصلن جا ڏس ڏيک!



2010

# پٺائي




پٺائيءَ کي سمجھون،
پڙھي يارا پرکيون.


اُھو آدم رھبر،
اُھو دل جو دلبر.

سموريءَ دُنيا کي،
پيو جو دُعا ڏي.

سندس بيت- بتيون،
ڪٽي وات ڳوليون.

سراسر سچائي،
اسان جو پٺائي!

# سچل آهي سارو سچُ



سچل سچ جو نام چٽو
سچل جو پيغام چٽو.

سِٽَ ۾ سَچَ جي وائي آ.
مُور نہ ڪَچَ جي وائي آ.

سنڌ کي سچل تي آ ناز
سچل آهي سچ جو راز.

سچو درازا منجهہ دفن،
آهہ دفن ڪو جڙ تہ چمن.

پيارا ٻارو هي آ سَچُ،
’سچل آهي سارو سَچُ‘.

# اُستاد بخاري

هڪڙو سچو شاعر هو
علم ادب جو ماهر هو.

شعر لکيائين ڏرتيءَ لاءِ،
شهر شهر ۽ وستيءَ لاءِ،

ٻولي پياري، صاف بيان،
جنهن کي سمجهي هر انسان.

ٻاروتڻ کان شعر جو شوق،
علم ادب جو جاڳيس ذوق،

پهريان نالو احمد شاهه،
شعرن ساڻ تيس جي چاهه.

تيو 'بخاري' پوءِ 'استاد'،
ساري سنڌ کي آهي ياد.



# تحفا



ٻارو! ڏاڏا وڻندا آهيو!
نيڻ نماڻا ڪٽندا آهيو.

مُرڪ سان مَنَ تان مونجهه لهي ٿي،
دُنيا اوهان جي دم سان ٺهي ٿي.

ٻولَ جڏهن ٿا ٻاتا ٻوليو
مُکڙين جا مُنهن جڻ ٿا کوليو.

آهيو پيءُ ۽ ماءُ کي پيارا،
ڀيڻ کي پيارا، ڀاءُ کي پيارا.

هي جي گيت ۽ نغما آهن،
سَڀ اوهان لئِہ تحفا آهن.



# ڪاپي




رکجي محنت ساڻ لڳاءُ،
ڪاپي ڪين ڪبي او ياءُ!

ڪاپي ذهن وڃائي ٿي،
پڙهڻ سان چاهه گهٽائي ٿي.

ڪاپيءَ سان جو حاصل ٿئي،
علم انهيءَ کي ڪيئن مڃجي؟

مانُ ڪٿي آ ڪاپيءَ ساڻ؟
سياڻا سمجهو آهيو پاڻ.

سڀ ڪجهه ذهن سان سمجهو يار!
ڏاها، عالم، ٻڻجو يار!



# آءُ امان ٿيندس اُستاد




علم سان ڳوٺ ڪندس آباد،
آءُ امان ٿيندس اُستاد.

محنت ساڻ پڙهائيندس،
ٻارن کي سمجهائيندُس.

چوندس: "ٻارو! پڙهو لکو
سُهڻا نت اخلاقَ سکو!

رکجو سَچَ سان پيارُ پَڪو
ڪوڙ کي ويجهو ڪين اَچو:

وڏن جو رکجو مانُ ادا،
ننڍن سان رکجو پيار سدا."

پڙهي لکي مان ٿيندس پاس،
پوري ٿيندي منهنجي آس!

# انسانُ

جڳ ۾ جيڪو آ انسانُ،
ٻارو! اُن جو اُوچو مانُ.

اٽلي ۽ ايران اندر،
جرمن يا جاپان اندر.




بنگلاديش هجي يا چين،
هُجي مصر يا فلسطين.

جت ڀي ٿو انسان رهي،
ان سان جهيڙو ڪين ٺهي.

سڀ سان رکجي پيار پريت،
پيار جي 'بيخود' آهي جيت.

# سکر



ڪالهه ڪار تي وياسين سکر،
وٺي هليو هو چاچو اختر.

’گهنٽا گهر‘ ماڻهن جا ميلا،
ڪاريون، ٽانگا ۽ ڪئين رڪشا.


وڏيو ’معصوم شاهه منارو‘،
چڙهي وياسين اُن تي يارو:

مٿان لڳو پئي سکر سُهڻو
سُهڻو سُهڻو ۽ مَنَ مُهڻو.

’لبِ مهراڻ‘ ۽ لکِ لهي ٿو،
سنڌو جنهن جي پر ۾ وهي ٿو.

سنڌ ۾ سهڻو شهر سکر آ
شهر وڏو هي ٽيون نمبر آ.

# ريڊيو



ٻاءَ وڏي هو ريڊيو ورتو،
هلڪو هلڪو سهڻو سستو.

گيت غزل تو روز ٻڌائي،
موسيقي سان من وندرائي.



بابا ٻُڌندو 'بي بي سي' آ،
خبر جهين ۾ دُنيا جي آ.

راندين جا احوالَ بہ ڏي تو
سُهڻا گفتا، خيالَ بہ ڏي تو.

وقت تي ريڊيو ٻُڌندو آهيان،
وقت تي لکندو پڙهندو آهيان.

هن ۾ آ ايف.ايم بہ شامِل،
ٻُڌي ڪري خوش ٿيندي آ دل.

# مزدُور



جنهن سان آهي جڳ پُرنور،
ٻارو شخص آ سو مزدُور.


جايُون، بنگلا ڪيئن جُڙن؟
جي نہ هتي مزدور هُجن.

محنت سان تو لائي نينهُن،
سِرَ تي تغاري، تتل ڏينهُن.

حَقَ حلالَ جو ڪائي تو،
ڪنهن کي ڪين ستائي تو.

جنهن سان سارو جڳ آباد،
شال رهي مزدور سو شاد.

# پڙهو ته پنهنجو ڳوٺ سنواريون



سنڌ جا ٻارو! پڙهو اڳتي وڌو
چمڪندڙ تارؤ! پڙهو اڳتي وڌو

ڏينهن ويهي ڇو ائين ڪٽجن، اُٿو!
وقت سان گڏجي وکون کڻجن، اُٿو!
ڪو وٺو وارو، پڙهو اڳتي وڌو!

جو ٻه وڌندو سو وڌي ويندو ضرور،
پنهنجي منزل تي پُڄي ويندو ضرور،
پيارڙا ٻارو! پڙهو اڳتي وڌو!

زندگيءَ جو پل ٻه آهي قيمتي،
جاڳ موتي، ننڊ ناهي قيمتي،
جڳ اُٿيو سارو پڙهو اڳتي وڌو!

پنهنجي ڌرتيءَ جي ٻه هيءَ آهي پُڪار
اُٿ اُٿاريون ديس کي، تون اٿ اي ٻارَ!
اڄ وٺو چارو پڙهو اڳتي وڌو!

جو پڙهي ٿو اُن جي عزّت ٿي ٿئي،
ان جي ’بيخود‘ جڳ ۾ شهرت ٿي ٿئي،
دل جا دلدارو پڙهو اڳتي وڌو!

# بادلَ



ڀائُو آءُ تہ بادل ڏسجن،
ڪيئن ٽا ڊوڙَن، ڪيئن ٽا بَرسن.

مينھوڳيءَ جي مند اچي وئي،
ڇڻ تہ خوشيءَ جي مند اچي وئي.

ڳُل تي برسن، ٿُڙ تي برسن،
ڪڪرَ نہ ڪنھن سان ٻيائي ڪن.

سارا ڏينھن جُھڙالا ٿي پيا،
ٻَرپٽ، باغَ بہ آلا ٿي پيا.

ڀُورا بادل، ڪارا، بادلَ،
من موھيندڙ پيارا، بادلَ.

# اخبارُون



اوري آءُ علي گُل يار!
پڙهجي ويهي ڪا اخبار!

پنهنجي هن اسڪول اندر،
لائبريري آ بهتر.

ڪوڙ اچن اخبارون هِتِ،
پهچن خبرون چارون هِتِ.

صفحا پڙهجن ٻارن جا،
دل وارن دلدارن جا.

نت نوان مضمون پڙهون،
پڙهي ڪڙهي پوءِ لکڻ سِکون.

# ٻارَ




ٻار اكين جا تارا سڀ،
دل كي آهن پيارا سڀ.



ٻارَ سمورا ٻار ٿين ٿا،
نيڻن جا هي ٺار ٿين ٿا،
اٺليءَ، تركيءَ وارا سڀ.



كلندي كلندي من ريجهائن،
روئي روئي ڳالهه مڃائن،
نخرا تن جا نيارا سَڀ.



’بيخود‘ گلڙن وانگر سرها،
مرك مٿن جڙ ماك جا قطرا،
سونهن پريا سوپارا سڀ.

# ٻني

انور آءُ ته ٻني گُهمون
چاهي ڦوڪيل، اڄ ته ڏسون!

ڦريان ڦوڪيل ڦينديون ٿئي
مون کي ڏاڍيون وڻنديون ٿئي!

وَلڙ هتان جو هاري آ
ڦوڪ انهيءَ کي پياري آ.

ڦوڪ ڪندو آ محنت ساڻ
جيئندو آهي همّت ساڻ.

هر مُند جي تو ڦوڪ ڪري
هن جي هاڪ آ ڀري ڀري

# اَسان جو اُستاد




اسان جو استاد امان!
روز ڏَسي ٿو ڏسَ نوان.

چئي ٿو ”علم سان پيار رکو،
خوب پڙهو ۽ خوب لکو.“

وقت سان پهچي ٿو اسڪول،
سيکاري ٿو صحيح اُصول.


پڙهائي ٿو پيار ڏئي،
ڳالهائي ٿو پُٽ چئي.

جيءُ جيارو آ اُستاد،
ڏاڍو پيارو آ اُستاد.

# سارا ٻالڪ سونهن ٽين ٿا



جيڪي ٻالڪ لکن پڙهن ٿا،
سيني کي سي خُوب وڻن ٿا.



جيڪي ٻالڪ ڪين رُلن ٿا،
هر هنڌ عزت مانُ لهن ٿا.

جيڪي ٻالڪ ڪين وڙهن ٿا،
سيني جا سي دوست ٿين ٿا.



جيڪي ٻالڪ ضِدُ نہ ڪن ٿا،
پل پل ۾ سي پيارُ پسن ٿا.

سارا ٻالڪ سونهن ٿين ٿا،
'بيخود' پيارا گيت لکن ٿا.

# وڙهبو نہ آ



راند جي ميدان ۾
کين هو ڪجھ ڌيان ۾

اوچتو نورو نَبُو
دوستن جي روبرُو

ڳالھ ڪنھن تان پيا چڙي
چڙندي چِڙندي پيا وڙهي

شخص هڪ پرسان لنگھيو
جنھن وڙهڻ کان روڪيو

هُن چيو وڙهبو نہ آ
راند ۾ چِڙبو نہ آ

ڪنھن چيو: هي ڪير هو؟
هئي چيو: 'بيخود' هُيو!

# سائنسي دؤر




سائنسي آهي دؤر ڏسو!
ايجادن جو زور ڏسو!

اڳ هو ريڊيو ۽ ٽي وي،
هاڻي چيز ڏسون ٿا ٻي.

فيڪس مشين ۽ ڪمپيوٽر،
موبائل ۽ فون رسيور.

دُنيا ڏاڍي تڪڙي آ،
ڪاٿي ٻارو! پُهتي آ؟



پاڻ بہ اڳتي ڇو نہ وڌون؟
وقت جي وڪ سان وِجهون وِکون.

# ماءُ



او امان، او امان!
پير تنهنجا چُمان.

نظمَ تنهنجي مٿان،
ڪيترا مان لڪان!

گهور توتان ٿيان،
دير ڇا ڪان ڪريان؟

تنهنجي رِشتي جيان،
ٻيو نہ رِشتو ميان.

ڏينهن اهڙو نہ ٿئي،
تو کي رُئندو ڏسان.

تنهنجي ٻولي مِٺي،
لولي ماکي چوان.

تنهنجي قدمن ۾ مان،
ماءُ جنّت ڏسان.

تو لئہ 'بيخود' امان،
لفظَ آڻي ڪٿان؟



# پڇتاءُ



ڪالهه ٻه منهنجو سبق ڪچو هو،
منهنجي لئه ڇڻ وڏو ڏچو هو!

آيو هو استاد کي غصّو،
سنگتين ساڻين پڻ هو ٽوڪيو.

بابا پڻ ناراض ٿيو هو،
جيجل ماءُ ٻه گهڻو چيو هو!

جيڪر ايڏو ڪين رُلان ها!
رات جو ويهي آءٌ پڙهان ها.

هاڻي مون هي سمجهيو آهي،
پڙهڻ سوا ڪو مان ئي ناهي.

# گيتَ بہ آهن گُلَ



خوشبو جا ٽِيا هُلَ او ٻالڪ!
گيت بہ آهن گُلَ او ٻالڪ!

پنهنجا گيت گُلاب بہ آهن،
گيت اسان جا خواب بہ آهن.

گيتن جا رابيل ننڍڙن ٽا،
چاهہَ سان جن کي ٻار پڙهن ٿا.

گيتن جا گُلدستا ناهيان،
هر پاسي ٿو خوشبوءِ ورهايان.

# ماما! مال نہ چاريندُس



ماما! مال نہ چاريندس،
پنهنجا ڏينهن نہ ڪاريندس!

بابا کي سمجهائج تون،
منهنجي ڳالھ ٻُڌائج تون!

ماما! آهين مٺيادار،
مون کي ڏيندو آهين پيار.

بابا کي تون راضي ڪر،
ڳالھ انهيءَ ۾ ڇاجي ڊر؟

ڇو نہ ڀلا مان پڙهي پوان،
علم جي پاسي لڙي پوان!.

# گُلَ



جيڪي خوشبو خاص ڏين ٿا،
مون کي سيئي گُلَ وڻن ٿا.

رنگن توڙي خوشبو وارا،
گُلَ ٿين ٿا سارا پيارا.

ماکَ ۾ مهکن مُرکن ٿا پيا،
واءُ ۾ ڪيڏو جُهومن ٿا پيا.

رنگن سان ٿمتار ٿين ٿا،
باغن جو سينگار ٿين ٿا.

گُلڙن وانگر پيارا بڻجو!
سونهن سراسر سارا بڻجو!

# هَلُ تہ ادي اسڪول هَلُون




هَلُ تہ ادي اسڪول هَلُون!
علم جي منزل ڏانهن وڌون.

علم بنا اونداهي، ڀيڻ!
علم بنا گمراهي، ڀيڻ!

علم ڏيکاري واٽَ سِڌي،
ڏاها ٻڌجون پڙهي لکي.

علم بنا آ ڪاري رات،
علم تہ سڀ جي لئہ پريات.

لکڻ پڙهڻ سان رکجان چاهُ،
صدقي تو تان منهنجو ساهُ.

# جاڳو ٻارو!



جاڳو ٻارو جاڳي جَڳُ،
وٺو سجاڳيءَ وارو ڏَڳُ.

جاڳيو آ جاپان ڏسو!
اُٿيو انگلستان ڏسو!
ترڪي، ۽ ايرانُ ڏسو!
هر صديءَ جو وٺن ٽا اڳُ.

هِت ڇا ڪان انڌير هُجي؟
روشنين سان وير هُجي!
من ۾ ڇا ڪان مير هُجي؟
دوکو آهي اهڙو ڏڳ.

قابليت ۾ زور اوهين،
شهزادا، شهزور اوهين،
ڪير چوي ڪمزور اوهين؟
جاڳو جيئن نہ ٺڳي ڪو ٺڳ.

# هِي ٻالڪ وِڪَ وڌائيندا



هي ٻالڪ وک وڌائيندا،
هي پنهنجي منزل پائيندا.

هي جيڪي علم سان چاهُہ رکن،
هي جيڪي پڙهندا لکندا وتن،
هي جذبن کي رنگ لائيندا.

هي جاهل ٿي نہ گذاريندا،
هي هاٽي مال نہ چاريندا،
هي ڪمپيوٽر بہ هلائيندا.

هي هاڻ نہ ڪٽندا ڪانياٽي،
هي پڙهندا گيت ۽ آڪاٽي،
هي ليکڪ سڀ سڏرائيندا.

هي مستقبل جا رکوالا،
هي امن ۽ چاهت جا نالا،
هي وک وک سک ورهائيندا.

هي 'بيخود' سنڌي ٻار سُٺا،
ڇا ماکي؟ ماکيءَ کان بہ مٺا،
هي پنهنجو پاڻ ملهائيندا.

# علم



ٻارو! علم پرايون سَڀ،
علم جون ڳالهيون ڳايون سڀ.

ديس جو علم سان وڌندو مانُ،
ديس جو مان آ پنهنجو شانُ،
ساٿين کي سمجهايون سَڀ.

عِلم سان ويندي ڪاري رات،
علم جهالت جي لئِ مات،
علم جي لاٽ جَلايُون سَڀ.

علم بنا انسان بہ ڇا؟
علم بنا ٻي واٽ نہ ڪا،
بات نہ هِيءَ ڀُلايون سَڀ.

# سُهڻا ٻارَ



جِيئَن جرڪن، سُهڻا ٻارَ
جرڪن، جِيئَن، سهڻا ٻارَ.

دؤر نئين سان هلندا هِي،
وقت سان گڏ وک کڻندا هِي،
سڀ تا سمجهن، سُهڻا ٻارَ.

گُلَ تي خوشبو ڏيندا هِي،
ڳوٺ ڳليون واسيندا هِي،
مُرڪن مَهڪن، سُهڻا ٻارَ.



جڏهن وڃن تا ڪاوڙجي،
'بيخود' پوءِ ٻه وڻن تا هِي،
پل ۾ پرچن، سُهڻا ٻارَ.

# ٻارن جي عيدَ




دل جي دلدارن جي عيدَ،
اچي وئي ٻارن جي عيدَ.

رنگ برنگي ڪپڙا پاتل،
ٻارَ لڳن ٿا سهڻا بادل،
پياري آ پيارن جي عيدَ.

’چاچا مون کي خرچي ڏي
نوٽن جي نئين دستي ڏي‘
سيني سونهارن جي عيد.

’بيخود‘ آئي جهڙ تہ بهار،
مُرڪيا مهڪيا سُهڻا ٻارَ
گورن جي، ڪارن جي عيدَ.

# ماڻيندُس منزل



وَهي ڪٽي ٻاراڻي آ،
منهنجي هِي آڪاڻي آ:

گهرَ جو آهيان مان بادشاهُ،
مون سان ابي امڙ جو چاهُ،

جيڪا چيز ٻه طلبيان ٿو
جهٽ پٽ حاصل ڪريان ٿو.


ٻيءُ ڪٽي ۽ ماءُ ڪٽي،
ڀيڻ ڪٽي ۽ ڀاءُ ڪٽي.

ترسو! ٿورو وڏڙو ٿيان،
ڏسجو ڪيئن ٿو پڙهان.

محنت سان ٿي ويندس پاس،
سڀ رکن ٿا مون ۾ آس.

منهنجو آهي مستقبل،
پڪ سان ماڻيندس منزِل.

# پيار جو مَچُ






جيڪو تو اسڪول پڙهي،
گُل جيان تو اُهو ٽڙي.

جو بہ سبق تو ياد ڪري،
تنهن سان پيار استاد ڪري.

جو تو وڏن جو مان رکي،
ماکي مصري روز چکي.

جنهن ۾ علم، ادب، اخلاق،
ڏرتي اُن جي لئِہ افلاڪ.

ٻارڙ ۾ ٻارو! ڪين وڙهو!
پيار جي مَچَ تي اچي مڙو.

جنهن جي سڀ سان سِڪَ پريت،
’بيخود‘ ڳائي ان جا گيت.

# يتيم ٻار جو نظم



’منهنجو بابا‘ ٿيندو ڪير؟
مون کي خرچي ڏيندو ڪير؟

بابا هوندي غم نہ هُئو
ڏک جو ڪوئي دم نہ هُئو
نيڻن ۾ آگم نہ هُئو
’پٽ‘ چئي هاڻ سڏيندو ڪير؟

بابا جو ڪو ڏس نہ پارُ
ملندو هاڻ ڪٿان سو پيارُ؟
دِل تي ڪريو ڏک جو بارُ
اچي اِهو لاهيندو ڪيرُ؟

هَٿُ مٿي تي رکندو ڪيرُ؟
’گُهم نہ گهڻو پٽ‘ چوندو ڪيرُ؟
نيڻ ملائي ڏسندو ڪيرُ؟
ويهي سُور ونڊيندو ڪير؟

وقت گهڻو اڳ ماءُ وئي،
ڏيئي گهرو گهاءُ وئي،
ڏک جو گهُلائي واءُ وئي،
سيني سان لائيندو ڪير؟

آهي بس اللهُ وَڏو
’بيخود‘ اُن جو آهہ بندو
ٻالَ ٻلايون پاڻ ڪندو
همدردي ٻيو ڏيندو ڪير؟

# پڙهو



ڪتابن سان دل پنهنجي لائي پڙهو!
وڏو جوش جذبو وڌائي پڙهو!

لکڻ ۽ پڙهڻ سان ملي ماڻ تو
يلو تي پوي پوءِ انسانُ تو
اِها ڳالهه سڀ کي ٻڌائي پڙهو!

پڙهي ڪيئي عهدن تي آهن رسيا،
اُنهن جا قدم هِن زماني چُميا،
اِها ڳالهه دل ۾ سمائي پڙهو!

پڙهي گيت منهنجو عمل سڀ ڪجو،
وڏو ماڻ سِڱ ۽ سُخن کي ڏجو،
۽ 'بيخود' کي ساٿي ٻڌائي پڙهو!

# ڄِين ٻارَ ڄڳ جا

سُريلا سياڻا، ڄِين ٻارَ ڄڳ جا،
نرالا نماڻا، ڄِين ٻار ڄڳ جا.

پڙهن ٿا لکن ٿا، هُنر سڀ سکن ٿا،
وڏي وڻ بہ ٿيندا جي ٻُوٽا لڳن ٿا،
وڻن ٿا جڏهن هُو کلن ٿا، ٽِلن ٿا،
هي راڄن جا راڻا، ڄِين ٻار ڄڳ جا.



وڃن دُور تائين نگاهُون انهن جون،
سجايون گُلابن سان راهُون انهن جون،
نيون ۽ نراليون صلاحُون انهن جون
هي اڳتي اُڏاڻا، ڄِين ٻار ڄڳ جا.

زماني جي رفتار کان ٻارَ واقف،
سڄي ڪار وهنوار کان ٻارَ واقف،
هي اغيار ۽ يار کان ٻارَ واقف،
هي ناهن اياڻا، ڄِين ٻار ڄڳ جا.

ڪندا نيٺ حاصل وڏي ڪاميابي،
قدم چمندي تن جا اچي ڪاميابي،
مقدر انهن جي لکي ڪاميابي،
متا جن جا ماڻا، ڄِين ٻارَ ڄڳ جا.

اميدن جو مرڪز هي جذبن جو مرڪز
اکين ديد ۽ دل جي ڌڙڪن جو مرڪز
هي 'بيخود' جي گيتن ۽ نظمن جو مرڪز
هي موتين جا داڻا، ڄِين ٻارَ ڄڳ جا.

# ٻالڪ زنده باد هُجن



شاد هُجن، آباد هُجن،
ٻالڪ زنده باد هُجن.

ڌرتيءَ جا رکوالا هِي،
ڪندا ڪمَ نرالا هِي،
موتين جي جڙ مالها هِي،
هر ڏک کان آزاد هُجن.

ٻوليءَ ساڻ نيائن تا،
لوليءَ ساڻ نيائن تا،
چوليءَ ساڻ نيائن تا،
دُعا ڪريو سڀ شاد هُجن.

’بيخود‘ اڳتي وڌندا نيٺ،
منزل ساڻ ڪندا هُو ڏيٺ،
ماڻن شال محبت، ميٺ،
ويري سندن برباد هُجن.

# سڀئي جڳ جا ٻالڪ اسان کي پيارا

سڀئي خوبصورت سڀئي سونهن وارا.
سڀئي جڳ جا ٻالڪ اسان کي پيارا.



هي اسپين، سنڌ ۽ فلسطين وارا.
عراقي، ايراني ۽ هي چين وارا.
سمورن تان صدقي نرالا نظارا.

هُجي تُرڪ، يا عربُ، يونان وارو
نہ ٻالڪ ٿئي ٿو اندر جو ڪو ڪارو
امن جي علامت نماڻا، نيارا.

بنگالي، هي برمي يا مصري، سوڊاني،
سڀئي ٻار قدرت جي 'بيخود' نشاني،
هجن ذات ڪهڙي، هجن پورا، ڪارا.

# ٻرندڙ ڏيئو

ڀائُو! هر دم پڙهجي عِلم،
جت ڪٿ خوب پڪڙجي عِلم.

علم تہ آهي ٻرندڙ ڏيئو
روشنين جي ڀر ۾ جيئو.

علم ڏيکاري وات سنئين،
علم ڏئي ٿو چاڻ نئين.

علم جهالت جي لئِہ موت،
علم نہ ٿيندو آهي فوت.

علم انسان جي آهي اک،
علم بنا جڻ ناهي اک.

علم ڏينهن آ، ناهي رات،
’بيخود‘ جي ٻُڌ بهتر بات.



# ٻارن جو ٻولُ



جوڏا ڏسو اُتن تا،
ڪن وقت سان وچن تا.

”ڌرتيءَ جا ٻار آهيون،
سڀ جا سينگار آهيون.

پڙهنداسين دل لڳائي،
لکنداسين ننڊ ڦٽائي.

زنجير نيٺ ٽُٽندا،
ظُلمت جا ڏينهن کُٽندا.“

ٻارن جو ٻول آهي،
پختو هي قول آهي.

# عيدُون



سيئي ٻار مُرڪن ته عيدون ٽين،
نه معصوم سُڌڪن ته عيدون ٽين.

نه ڪو ٻار پيرن اُگھاڙو هُجي،
نه ڪنهن جي مقدر ۾ راڙو هُجي،
گُلن ساڻ مهڪن ته عيدون ٽين.



نه ٻيلن ۾ چارين هي مال ڪو
نه ٻالڪ هجي شال بيحال ڪو
ستارا ٽي جرڪن، ته عيدون ٽين.

نه تعليم ڪان ڪوبہ رهجي وڃي،
هتي علم سان هرڪو رڱجي وڃي،
هي عالم بہ سڌجن ته عيدون ٽين.

هي هيرن جا ’بيخود‘ ٽيا هار سپ،
مزيدار منٺار دلدار سپ،
اُهي عيد جي ڪن ته عيدون ٽين.

# رُلڻ نہ گھرُجي



گرمين ۾ اٿين رُلڻ نہ گُھرجي،
اُس ۾ ايڏو گھمڻ نہ گُھرجي.

جيڪي ڪجھ استاد پڙهائي،
سبق وساري ڇڏڻ نہ گُھرجي.


سنگتين، ساٿين سان جھٽ پٽ ۾،
ڪاوڙجي ۽ وڙهڻ نہ گُھرجي.

جنهن ۾ ڪا تهذيب نہ آهي،
اهڙو گانو ٻڌڻ نہ گُھرجي.

ڪتابن تي ليڪا پائي،
هرو ڀرو ڪجھ لکڻ نہ گھرجي.

’بيخود‘ جو آ نظم نرالو
پڙهي، وساري ڇڏڻ نہ گُھرجي.

# پڙهو! پڙهو!



پڙهندا رهجو! پڙهو پڙهو!
علم جي پاسي لڙو لڙو!

رُلڻ گهمڻ ۾ آهي ڇا؟
فلم ڏسڻ ۾ آهي ڇا؟
منجهه ڪتابن ڪڙهو ڪڙهو!

سيني سانديءِ سبق رکو
علم پڙهڻ جو چاهُه چکو
عرش مٿي ايئن چڙهو چڙهو!



علم اوهان جو آهي حَقُ،
پارو ان ۾ ناهي شڪُ.
جاهل ٿي ڇو سڙو سڙو؟!

’بيخود‘ بهتر ڳالهه ڪئي،
شايد سڀ کي وڻي وئي،
پڙهو پڙهو، بس پڙهو پڙهو!

# ڀاءُ



منهنجا پيارا ننڍڙا ڀاءُ،
توکي ڳالهه ٻڌايان آءُ!

اڄ کان اڄ، تون هل اسڪول،
پڙهڻ لکڻ ۾ ٿي مشغول.

توکي ڏيندو بابا پيار،
ماءُ به صدقي سؤ سؤ وار.

پاڻ ٻئي جي پڙهنداسين،
گل جيان جڻ ٽڙنداسين.

ٿيندو پنهنجو جت ڪٿ مانُ،
ابي امان جو وڌندو شانُ.

# دوست دلاور



منهنجو آهي دوست دلاور،
پاڻ ۾ ملندا آهيون اڪثر.

هڪٻئي کان احوال پُڇون ٿا،
هڪَ ٻئي جي ڪم اچون ٿا.


دل نہ اٽس پر لکڻ پڙهڻ ۾،
وقت گذاري گهمڻ ڦرڻ ۾.

اُن کي اڄ سمجهايو آهي،
دوست! گهمڻ ۾ ڪجهہ ٻي ناهي.

هُنَ ٻي اڄ اقرار ڪيو آ،
پڙهڻ جي لئہ تيار ٿيو آ.

دوست دلاور پيارو آهي،
دوست آهي، دل وارو آهي.

# موبائل فون



آيو موبائل جو دؤر آ،
ڪِيسن ۾ گهنٽيءَ جو شور آ.

گِهنٽيون آهن گانن جهڙيون،
ڪنهن ۾ کهڙيون، ڪنهن ۾ کهڙيون.

هن ۾ هوندي راند ٻه آهي،
ڪيڏي ويهِي جيڪو چاهي.

ڪوئي ڪنهن کان ڏُور نہ آهي،
نياپي لئِہ مجبور نہ آهي.

هي ڄڻ ننڍڙو ڪمپيوٽر آ،
ڪيسي ۾ هڪڙو دفتر آ.

موبائل هيءَ چيز آ ڪمَ جي!
ڳالهايو! بس دير نہ دم جي.

# سنڌي ٽوپي

بابا آندي منهنجي ٽوپي،
سهڻي سهڻي سنڌي ٽوپي.

اُن تي چوڏاري چٽسالي،
رنگن واري آهِ نرالي.



هن جا ڪاوا چمڪن تا پيا،
سج جي سامهون جرڪن تا پيا.

هن تي محنت خوب ٿئي تي،
تڏهن اِها محبوب ٿئي تي.

مٿي تي مون پاتي آهي،
خوش ٿيو هر هڪ ڀاتي آهي.

جمن، جانوءَ، رانجهن پاتي،
سنڌي ٽوپي، ساجن پاتي.

# وقت

وقت نہ ياءِ وڃائڻ گهرجي،
وقت ۾ پاڻ ملهائڻ گهرجي.

وقت وهي تو پاڻيءَ وانگر،
وقت ۾ پڙهڻ، پرائڻ گهرجي.

وقت نہ ڪنهن لئہ بيهندو آهي،
وقت سان وِڪَ وڌائڻ گهرجي.

وقت جو آ احساس ضروري،
ساٿين کي سمجهائڻ گهرجي.

'بيخود' جيڪا ڳالهہ ڪئي آ،
سڀ کي ڳالهہ ٻڌائڻ گهرجي.



# رانجهن ۽ روشن



رانجهن، روشن يار ٻئي،
ڪن ٿا ڪجهه اظهار ٻئي.

رانجهن ٿو روشن کي چئي:
جيڪو هٿ لڳو ٿو پئي.

گهران ڪڍان ٿو ٿيلهو ساڻ،
گهر وارن کي ڪهڙي ڄاڻ؟

هوٽل تي ٿو چانهه پيان،
روز نئين ٿو فلم ڏسان.

روز گهمان ٿو بازر آنءُ،
ڏيان شهر جو چڪّر آنءُ.

تون نه گهمين ۽ ڦرين ڪڏهن،
شهر نٿو تون اچين ڪڏهن.

قيد اسڪول ۾ آهين ڄڻ،
مون سان گڏ هل گهمڻ ڦرڻ.

جنهن تي روشن هيئن چيو
پنهنجو هيئن احوال ڪيو.

منهنجو آهي روشن نانءُ،
پاڻ کي ڪندس روشن آنءُ.



گهمڻ ڦرڻ جي ڳالهه نه ڪر،
يار رُلڻ جي ڳالهه نه ڪر.

تون جي روز رُلين ٿو ياءُ،
ڇڻ تون روز ڀُلين ٿو ياءُ.

پنهنجو ٿو نقصان ڪرين،
عمر سڄي ٿو زيان ڪرين.

ابي امان جو چيو مڃي،
پڙهي پهچندس پار وڃي.

ٿي ويندس مان افسر نيٺ،
افسر يا پوءِ ٽيچر نيٺ.

رانجهن اُن تي سوچيو هيئن،
روشن! آءُ نه رلندس ايئن.

ڳالهه ڪئي تو آهِ سچي،
مون کي وئي آ سمجهه اچي.

ٻيئي هاڻي پڙهنداسين،
مولا ڄاڻي پڙهنداسين.

’بيخود‘ ٻيئي مُرڪي پيا،
مرڪي مرڪي مهڪي پيا.

# پڙهڻ

پڙهڻ ساڻ عزّت ملي ٿي وڃي،
رُلڻ ساڻ ذلت ملي ٿي وڃي.



ڪري علم جذبن سان سرشار ٿو
ڏکين مرحلن مان ڪري پار ٿو
علم ساڻ همّت ملي ٿي وڃي.

چڱا ڪم زماني ۾ جو ٿو ڪري،
علم سان، عقل سان ذهن ٿو ڀري،
انهيءَ کي محبت ملي ٿي وڃي.

علم آهِ عزّت ۽ عظمت جو نانءُ،
ڪُٿي جا نہ اِهڙي آ دولت جو نانءُ،
اها ڪنهن کي، دولت ملي ٿي وڃي.

پڙهڻ سان ٿو ماڻهو ٿئي معتبر،
انهيءَ جي آ هر جاءِ 'بيخود' پچر،
پنهنجو پاڻ شهرت ملي ٿي وڃي.

# علم روشني آ




جيڪي ٻار جڳ ۾ پڙهي تا وڃن،
گهڻو اڳتي سچ پچ وڌي تا وڃن.

ڪتابن جو تيلهو جڏهن تا ڪڻن،
انهيءَ دم هي ٻالڪ تا دل کي وڻن.

وِڪون قيمتي ٿي اُهيئي ويون،
جي اسڪول طرف ٻارن ڪنيون.

پڙهڻ ساڻ جن آ سچائي ڪئي،
انهن زندگي آ سجائي ڪئي

علم زندگي آ: رکو ياد سڀ،
علم روشني آ: رکو ياد سڀ.

# پڙهو! اڳتي وڌو



سنڌ جا ٻارو! پڙهو اڳتي وڌو
چمڪندڙ تارؤ! پڙهو اڳتي وڌو

ڏينهن ويهي ڇو ائين ڪٽجن، اُٿو!
وقت سان گڏجي وکون کڻجن، اُٿو!
ڪو وڃو وارو پڙهو اڳتي وڌو!


جو به وڌندو سو وڏي ويندو ضرور
پنهنجي منزل تي پُڄي ويندو ضرور
پيارڙا ٻارو! پڙهو اڳتي وڌو!

زندگيءَ جو پل به آهي قيمتي،
جاڳ موتي، ننڊ ناهي قيمتي،
جڳ اُٿيو سارو پڙهو اڳتي وڌو!

پنهنجي ڌرتيءَ جي به هيءَ آهي پُڪار
اُٿ اُٿاريون ديس کي، تون اٿ اي ٻارَا
اڄ وڃو چارو پڙهو اڳتي وڌو!

جو پڙهي ٿو اُن جي عزّت ٿي ٿئي،
ان جي 'بيخود' جڳ ۾ شهرت ٿي ٿئي،
دل جا دلدارو پڙهو اڳتي وڌو!

# ٻار جو فيصلو



آءُ چو تو رُلان ؟
چو نٿو مان پڙهان ؟

ٻيا پڙهن ٿا پيا،
منهنجا سنگتي سچا.

مان نہ پڙهندس اگر،
سڌجندس بي خبر.

رات سوچيم امان،
دل چوي ٿي پڙهان.

عالمن آ چيو
شاعرن آ چيو.

علم آ روشني،
علم آ زندگي.

منهنجو آ فيصلو
هاڻ پڙهبو رُڳو.

# اڪبر جسڪاڻي

‘گُل ڦل’ جا گُلَ سارن ٿا،
اڪبر کي نہ وسارن ٿا.

مٺو مٺيادار هُئو
گلن سان جنهن جو پيار هُئو.

اڪبر اِهڙي محنت ڪئي،
‘گل ڦل’ حاصل شهرت ڪئي.

ڪيئي ليکڪ ٿيا نروار،
وڏا ويا ٿي سرجڻهار.


ٻارن لاءِ لکيائين خُوب،
ٿي ويو ٻارن جو محبوب.

‘ٻتين واري ناني’ لکي،
پنهنجي ڏسيائين ڳالهه چٽي.


‘رمون پيتي’، ‘خيرو حجم’،
ڪهاڻين ۾ آهي دم.

جو هيءَ جو جسڪاڻي هو،
ٻارڻ بہ هڪ ڪهاڻي هو.

دل مان نڪري سگهندو ڪو نہ،
‘بيخود’ وسري سگهندو ڪو نہ!



ٻاراڻي ادب جو مشهور ليکڪ ۽ سنڌي ادبي بورڊ
پاران نڪرندڙ ٻارن جي رسالي ”گل ڦل“ جو ايڊيٽر
”اڪبر جسڪاڻي“




ISBN 978-9-6962505-5-5
9 789696 250555